# سنڌي صحافت، سماج ۽ اسين

سرمد ابڙو

عالمي ڪميونسٽ تحريڪ جو ترجمان رسالو، جنهن کي پڙهي سڄي دنيا ۾ ڦهليل ڪميونسٽ پنهنجي پنهنجي خطي ۾ جدوجهد جا گهڻ گهيڙ طئي ڪندا هئا، ان جي لاءِ چيو وڃي ٿو ته سرمائيدار قوتن جي ايجنٽن هڪ انتهائي خطرناڪ ۽ ڳجهي حڪمت عملي طئي ڪئي. رسالي جي ايڊيٽوريل بورڊ توڙي ٻئي عملي ۾ ته مشهور ڪميونسٽ هئا پر رسالي ۾ ڇپجندڙ خطن ۽ مضمونن کي لکندڙ سي آءِ اي جا پڙهيل ڳڙهيل ۽ شاطر ليکڪ هئا، جيڪي مختلف نالن سان رسالي ۾ ڇپبا هئا. سالن تائين اهو سلسلو هلندو رهيو. ان ڊگهي مدي واري عياريءَ سان تيار ڪيل منصوبي تي ڪاميابيءَ سان عمل درآمد ٿيڻ جي ڪري، دنيا ۾ جتي به ڪميونسٽ تحريڪ پنهنجون پاڙون مضبوط بنيادن تي هٽي سگهي ٿي، اتي جي عوام ۾ سوشلزم کي تمام گهڻو سخت، بي لچڪ ۽ بلڪل خدائي فرمان وانگر نه بدلجندڙ، سوشلسٽ کي ڪٽر انتهاپسند ۽ ڪجهه معاملن ۾ بلڪل وحشي ظاهر ڪيو ويو! عالمي سرمائيداري قوتن جي پڳهاردار نظريه دانن، پنهنجن لکيل مضمونن وسيلي اهو قاتل زهر ايڏو ته ڪاريگريءَ سان يورپ ۽ آمريڪا جي عوام جي ذهنن ۾ لاٿو ويو جو اتي جو اڪثر عوام سوشلزم جو نالو ٻڌي ئي ڀڙڪي وڃي ٿو، اهو سوچڻ کان سواءِ ئي ته هينئر به جيڪي 8 ڪلاڪ پورهيو ڪرڻ، طبي ۽ سفري سهولتون کيس ميسر آهن يا سوشل ويلفيئر اسٽيٽ جو تصور جنهن تي دنيا جا اڪثر ملڪ پنهنجو آئيني ۽ سماجي ڍانچو مرتب ڪن ٿا،

اهي سڀ عالمي سوشلسٽ تحريڪ جي جدوجهد، قربانين ۽ وهايل خون جي ڪري آهن.

سامراجي ايجنٽن جڏهن اهو ٽارگيٽ ناهي لکڻ شروع ڪيو ته سوشلزم کي اهڙو خوفناڪ راڪاس ڪري دنيا جي آڏو پيش ڪرڻو آهي، جيڪو هنن جي بنيادي انساني ضرورتن جي پورائي تي به پابندي هڻندو! ۽ عوام کي ڪابه "شخصي آزادي" نه هوندي، ته هو واقعي به سوشلزم / ڪميونزم جي اصل روح کي ٽوڙي مروڙي عوام آڏو پيش ڪرڻ ۾ ڪامياب ويا ۽ يورپ / آمريڪا جو اڪثر عوام ڪميونزم جي ڳُر کي سمجهڻ کان سواءِ ئي ڪميونسٽن کي جنسي گارين سان ياد ڪري ٿو.

ان سڀني قصي ۾ ڪيتري حقيقت آهي، ڪيترو افسانو - ان جي خبر هڪ خدا کي، ٻيو ان ڊرامي جي ڪردارن کي! پر ان سان ڪجهه ملندڙ جلندڙ صورتحال اسان کي سنڌ ۾ ڏسڻ ۾ اچي ٿي. جڏهن سنڌي رسالن / اخبارن ۾ ڇپجندڙ مضمونن / تجزين / تبصرن جو ٿورو گهرائيءَ سان مطالعو ڪجي ٿو ته انهن مان اڪثر جو سوليءَ سنڌيءَ ۾ تت اهو ٿو نڪري ته "پيٽ ڪمائجي، سياست نه ڪجي"، "هر چيز ويڪائو آهي"، "قيادت جو ڏڪار آهي"، "ڪردارن جي حوالي سان سڄي سنڌ سُڃي ۽ پڙيانگ آهي"، "سنڌ ۾ ڪو ماڻهو ڪونهي"، "ڪٺان به ڪا رڙ / ڪوڪ / دانهن نه پئي ٿئي"، "سنڌي معاشرو مُرده معاشرو آهي" وغيره وغيره.

سنڌي صحافت ۾ اسان کي چند ماڻهن کي ڇڏي ڪري ٽلهي ليکي ٻن قسمن جا ماڻهو عام جام ڏسڻ ۾ ايندا:

1 - جن به ماڻهن جو ڪميونزم ۾ ويساهه نظرياتي پختگي جي ڪري نه هو، بلڪ ڪميونزم جي رومانس يا ڪنهن ٻئي سبب جي ڪري، هو روس جي ٽٽڻ جي ڪري ذهني / جذباتي طور شديد ٽوڙ ڦوڙ جو شڪار ٿيا.

2 - هڪڙي ٽولي سنڌي ماڻهن کي سالن کان وني ڪا سنئين سُڌي جدوجهد جي واٽ ٻڌائي هلائڻ بدران رڳو وڏا نعرا ۽ لفاظيون ڏنيون. ماڻهن کي رڳو "رهبر رهبر" جي نعري ۾ غش رکيو ويو. ٻڌايو ويو ته ٽري تي بهشت آهي! هاڻي جو هاڻي سڀ ڪم سولا ٿا ڪريون! حقيقت ۾ ته ائين ٿيڻو هو ڪونه! نتيجي ۾ مسئلا اتي جو اتي رهيا، ماڻهن جو اعتبار ڪچي ويو، ويساهه ٽٽو، ماڻهو شديد مايوسين جو شڪار ٿيا.

سنڌي صحافت کي مليل نئين ڪيپ ۾، سماج ڏانهن ڪارائتو رَويو رکندڙ دوست به ڪافي آيا، جن جلد ئي سنڌي صحافت کي، انگريزي ۽ اردو اخبارن سان

ٽڪر ڪائڻ جهڙو بڻايو پر اڪثريت توهان کي مٿي بيان ڪيل ٻن قسمن جي ملندي. هاڻي جنهن ماڻهوءَ جو گهڻ طرفو مطالعو ڪيل ناهي، جنهن کي سماجي سائنس، انقلابن جي تاريخ، جدوجهد جي رنگن روپن جو ادراڪ ناهي ۽ ذهني / جذباتي ڏچڪن جي ڪري هن جو ذهن اونداهين ۽ مايوسين جو شڪار آهي، ته هن کي ٻاهريون منظرنامو به اهڙو ئي ڀيانڪ ۽ اونداهو ڏسڻ ۾ ايندو جهڙو اڄڪلهه اسان جي اڳيان اخبارن / رسالن ۾ پيش ٿئي پيو.

"ڪالمي ڪسبين" جي هڪڙي سڄي ساري کيپ آهي جيڪا سنڌن نسن ۾ ڀريل زهر قطرو قطرو ڪري سنڌي قوم جي رڳن ۾ اوتي رهي آهي ۽ پرمار طبقي ڀاران ڪيس ڏسيل ڪراهت ڀرئي منصوبي تي آهستي آهستي عمل درآمد ڪري رهي آهي ۽ اهو سڄو ڌوهه "پروفيشنل صحافت" جي نالي ۾ پيو ٿئي.

"ڊنڊوڙي" صحافت جا علمبردار چون ٿا ته "اسان کي شيون / لقاءَ جيئن ڏسڻ ۾ ايندا، اسين تيئن بيان ڪنداسين." هاڻ هنن کي سنڌن گهٽ علمي، ڪوتاهه نظري، تعصب، ساڙ يا وري مٿان مليل هدايتن تحت، سنڌي عوام جي زندگيءَ ۽ موت جهڙن مامرن تي وقت بوقت هلندڙ شاندار جدوجهد، جيڪا عوام پنهنجي انقلابي قيادت جي سرواڻيءَ ۾، گهڻ پاسائن خطرناڪ حملن باوجود جاري رکيو اچي، سا ڏسڻ ۾ ئي نه ٿي اچي. ان عاليشان جدوجهد کي پنهنجي قيادت ۾ جيڪا پارٽي، آهستي آهستي منزلون ماڻيندي عرش ڏانهن کنيو پئي وڃي، سا شاندار پارٽي نظر ئي نه ٿي اچي!

اچو ته پاڻ پنهنجي سر جزوي طرح پنهنجن علائقن ۾ ۽ ڪلي طور سڄي سنڌ ۾ گهري نظر سان جائزو وٺون ته ڇا واقعي هنن "ڊنڊوڙي صحافين" کي شيون جيئن ڏسڻ ۾ اچن ٿيون تيئن بيان ڪن ٿا يا نه.

توهان کي پنهنجن پنهنجن علائقن ۾ ڪجهه کي ڇڏي اڪثر صحافي ٿاڻي / وڏيري / ٽر جي غنڊي وٽ سلامي ڀريندي نظر ايندا! ڪافي خبرون انهن جي ڍپ ڪان رپورٽ نه ڪندا! پنهنجن ذاتي جهيڙن / نفرتن جي ڪري جنهن تنهن کي پريس ڪارڊ جو ڍپ ڏيندي نظر ايندا! پريس ڪلب جي چونڊن ۾ هڪٻئي جي جنڊاپٽ ڪندي نظر ايندا! سماج دشمن ڪاروبار ڪندڙن وٽان منٿليون ۽ ڀتا وٺندي بلڪ ڪن حالتن ۾ سرپرستي ڪندي نظر ايندا! "رنگين شيشن" جي لاءِ هلاڪ ٿيندي نظر ايندا! توهان پاڻ ئي فيصلو ڪريو ته انهن کي لقائن / مسئلن / مظهرن جو صحيح فهم ۽ ادراڪ ٿي سگهي ٿو؟ جو هو بيان ڪندا!

اهڙي طرح اسان جي سنڌي صحافت جا والي وارث وري وڏي پئماني تي وڏن ذاتي فائدن ڀنيان پنهنجي اخبار / رسالي جي پاليسي طئي ڪندي نظر ايندا ۽

ان لاءِ "پروفيشنل صحافت" وغيره جا ورق چاڙهيندي نہ ٿڪبا! جنهن بہ اخبار کي سرڪاري ۽ پرائيويٽ اشتهارن جي خاشيرڙي ڪوٽا ملي ٿي، توهين پڪ ڄاڻو تہ "متين" جا منظور نظر اهي آهن ۽ اهي "متين" جي مرضي خلاف ڪا شيءِ پنهنجي اخبار ۾ ڪيئن ٿا ڏيئي سگهن!؟ ڇا انهن "ڏنڊوڙي" صحافت جي والي وارثن کي واقعي بہ نظر ڪونہ ايندو هو ڇا؟ تہ:

1 ـ گذريل پنجويهہ سالن ۾ سنڌ جي تعليم کي ڪنهن غنڊن / دهشتگردن ۽ قاتلن حوالي ڪري سؤ سال پوئتي ڌڪي ڇڏيو آهي؟

2 ـ هينئر بہ ڪير سنڌي ماڻهن جي عزتن، عصمتن ۽ ملڪيتن جي قاتلن سان ٻانهن ٻيلي ٿيا بيٺا آهن؟

3 ـ سڄي سنڌي عوام کي پنهنجي پيراٽي گادي يا وڏيرڪي ميراث سمجهي هلائڻ جي خواهش رکي عوامي جدوجهدن کي ٽين وال ڪنڌڙ ڪير آهن؟

4 ـ ڪنهن قوم پرستيءَ جي نالي ۾، پنهنجي دور ۾ ناٽي ناهہ پاٽي ناهہ ۽ ٻيا ڪئين عذاب مسلط ڪري ڇڏيا؟

5 ـ "پونم" جي اجلاس ۾ سنڌ جي پاٽي ۽ ناٽي تي لڳندڙ ڌاڙي تي ڪابہ ڳالهہ نہ ٿي ٿي سگهي! پناڻ ۽ بلوچ اڳواڻن جي ان موقف سان ڪهڙا سنڌي جوڌا ڪلهو ڪلهي ۾ ملائي بيٺا هئا؟

6 ـ اهي ڪير آهن جيڪي ڪڏهن "هٿياربند جدوجهد" تہ ڪڏهن "سول نافرماني" جي نالي ۾ اجايا وڏا نعرا ڏيئي، عوامي جدوجهد کي ڪچيءَ ۾ ئي ڇيپائڻ جا بندوبست پيا ڪرائين ۽ عوام جو ويساهہ عوامي جدوجهدن ۽ خود عوام جي طاقتن مٿان ڪٽائي رهيا آهن؟

7 ـ ڪير اغوا، ڌاڙا، ڦرون ۽ قتل ڪري سنڌ جي سماج کي اونداهين جي کُن ۾ ڌڪي رهيا آهن؟

8 ـ ڪير حيدرآباد ۾ ئي، شهر جي ڪارخانيدارن، ٽرانسپورٽرن، آفيسن، ادارن ويندي غريب رڪشا وارن کان ڀتا پيا وٺن؟

9 ـ "جسمن جي بازار"، "شراب جي گٽن" ۽ ٻين سماج دشمن ڪاروبار ڪندڙن ۽ سرڪاري / نيم سرڪاري ادارن مان منٿليون وٺڻ ۾ تہ خود هنن جا ياڻي بند شامل آهن، ڇا هي انهن کي بہ نہ ٿا سڃاڻن؟

هنن کي سڀ خبر آهي. هي اهو سڀ ڄاڻن ٿا پر ٻڙڪ ٻاهر ڪڍٽي ناهي! ڇو جو حاڪمن جو حڪم ناهي! هنن کي تہ فقط "دٻ درخاشت دينو تي" واري ڪار ڪرٽي آهي.

اڇو تہ پاڻ جائزو وٺون اهڙن سيني ڪردارن جو، جيڪي صحافت جي مقدس ناليءَ ۾ سنڌي سماج / عوام ۾ مايوسين جو زهر اوتي رهيا آهن ۽ عوام جو سندس قوتن، طاقتن ۽ وسيلن مٿان ويساھ کٽائي ڪيس اڃا وڌيڪ نستو ۽ ڪمزور ڪري اندران ئي اندران کوکلو بڻائي رهيا آهن، انهن کي وائکو ڪري عوام آڏو پيش ڪريون تہ جيئن عوام خود انهن زخمن جو علاج ڪري، نہ تہ سنڌي سماج، جنهن کي اڳيئي ڪيئي ناسور لڳل آهن، ان ۾ هڪ وڌيڪ ناسور جو اضافو ٿي ويندو.

●●●

سنڌي عوامي برقي - ڪتاب
Sindhi Awami e-Books